Subject :- Sindhi (Std. V)

# استيٽ ڪائونسل آف ايجوڪيشنل ريسرچ اينڊ ٽريننگ، مهاراشٽر، پوني،

## NIPUN BHARAT : تحت- بنيادي ٻولي خواندگي امتحان 2022-2023

## وشيہ : ٻولي (سنڌي) درجو : پنجون

**علمي حاصلات نمبر -١:** ڏنل ادب - ساهتيہ جي مکيہ اسمن جهڙو نثر، نصدم وغيره وشين تي چرچا ڪري سوال پڇندا وشيہ تصويرون يا ڪردارن جي باري ۾ پنهنجا ويچار پيش ڪندا. ڄاڻ رکندڙ نثر ۽ نظم جي باري ل سوال پڇندا. اُن ۾ موجود ڪردارن ۽ ڪهاڻيءَ جي باري ۾ پنهنجا رايا پيش ڪندا.

**اَڌياپڪن لاءِ سوچنا:**

- اَڌياپڪ ٻارن لاءِ ڪويتا سُر ۽ لئہ ۾ پڙهي ڏيکاريندو.
- ڪويتا پڙهڻ کان اڳہ ٻارن کي سوچنا ڏني وڃي تہ بيت ڌيان سان ٻڌو ۽ اُن تي توهان کان سوال پُڇيا ويندا.
- هرهڪ ٻار کي بيت چڱيءَ طرح ٻڌايو وڃي ۽ پوءِ هُن کان سوال پڇيا وڃن.
- هرهڪ سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ٻار کي ڏهہ ١٠ سيڪنڊ ڏنا وڃن. جيڪڏهن ڪو ٻار ١٠ سيڪنڊن ۾ جواب نٿو ڏي تہ هُن کان ٻيو سوال پڇيو وڃي.

**بيت پڙهو:**

رنڌڻي جي پرسان ٽ گهاري،
ٽڏ ۾ سارو سال گذاري،
ڏيمي ڏيمي راڳُ بہ ڳائي،
مال ٽوڙ جي عُمر وڌائي.

| سوال | جواب |
|---|---|
| ١. روٽي ڪٿي رڌبي آهي؟ | رنڌڻي ۾ |
| ٢. هم آوازي لفظ جو جوڙو | مال ٽول |
| ٣. ساڳيو لفظ ڱڏ دهرايو | ڏيمي ڏيمي |

| | |
|---|---|
| ۴. پرولي ڪنهن بابت آهي | ريفريجريٽر |
| ۵. ڪهڙي موسم جو بيان ٿيل آهي | ٿڌ |

## اَڀياس چاڻ

| نيڪال | مارڪون |
|---|---|
| ٻيت پڙهڻ کان پوءِ ۴ يا ۵ سوالن جو صحيح جواب ڏيندو- ڏيندي | ۳ |
| ٻيت پڙهڻ کان پوءِ ۲ يا ۳ سوالن جو صحيح جواب ڏيڻ تي | ۲ |
| ٻيت پڙهڻ کان پوءِ فقط هڪ سوال جو صحيح جواب ڏيڻ تي | ۱ |
| ٻيت پڙهڻ کان پوءِ جواب ڏيڻ ۾ هچڪ ٿيڻ ۽ ڪوبه جواب صحيح نه ڏيڻ تي | ۰ |

**علمي حاصلات - نمبر ۲ :** بنا چوڪ جي، صحيح لئه سُر ۾ ڏنل ٽڪر پڙهي ٿو.

## اَڌياپڪن لاءِ سوچنا

- اَڌياپڪ ٻارن کي ٽُڪر لکيل ڪاڙد شيٽ پڙهڻ لاءِ ڏيندا.
- ٻارن کي ٽُڪر ڏيان سان پڙهڻ لاءِ چوندا ۽ ٽڪر جي آڌار تي ٻارن کان سوال پڇيا ويندا اِها چاڻ ڏيندا.
- ڪوئي وديارٿي اَگر ڪنهن لفظ کي پڙهڻ ۾ ۵ سيڪنڊن کان وڌيڪ وقت ٿو لڳائي ته ھُن کي اڳيان پڙهڻ جي هدايت ڏيندا.

## نشان جي لاءِ نشاني

۱) چاڻ: ڪنهن به غلط اُچار يا اڻ پڙهيل لفظ کي سليش (/) سان نشان لڳايو.

۲) صحيح طور پڙهيل لفظ کي ⦰ سان نشان لڳايو.

## ٽڪر پڙهو

ٻارو! آسمان ۾ توهان ڇا ڇا ڏسندا آهيو؟ آسمان ۾ سِجُ چَنڊُ، تارا، اِندلٺ ۽ بادل ڏسڻ ۾ ايندا آهن. توهان کي چاڻ آهي، بادل ڌرتيءَ تي برسات وسائيندا آهن ۽ اُهي بادل ڪيئن ٺهندا آهن؟ اَچو ته اَسين پاڻ بادل ٺاهڻ سکون.

گُهربل سامان: شيشي جي بَرني، ڪاري رنگه جو پنو، سيلو ٽيپ، گرم پاڻي، پلئسٽڪ جي ٿيلهي، برف جو ٽُڪر، ماچيس.

## اَپياس چاڻ

| مارڪون | نيڪال |
|---|---|
| ٣ | ١٠ ڪان ٢٥ لفظ صحيح پڙهي ٿو - ٿي |
| ٢ | ١٤ ڪان ١٠ لفظ صحيح پڙهي ٿو - ٿي |
| ١ | ٩ ڪان ٥ لفظ صحيح پڙهيا يا ڏکيا لفظ پاڻ سڌاري صحيح پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي |
| ٠ | ٥ ڪان گهڻ‌نت لفظ اَٽڪي اَٽڪل پڙهيا |

**علمي حاصلات ٣ :** هوُ ساهتيہ جي الڳہ اَلڳہ انگن کي جهڙوڪ پلاٽ، واقعو، منظر، ڪردار عنوان وغيرهہ تي بحث ڪندا آهن.. سوال پڇندا آهن، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندا آهن. قائل ڪرڻ وقت پنهنجا ويچار پيش ڪندا.

### اُستادن لاءِ هدايتون

- --------
  جڏهن ٻار ٽڪر پڙهڻ بند ڪري تہ اُن ڪان ٽڪر پري نہ وٺو.
- جيئن ئي ٻار ٽڪر هڪ دفعو پڙهي، ٽڪر جي بنياد تي هڪ هڪ سوال پڇڻ. جيڪڏهن ٻار ١٤ سيڪنڊن ۾ جواب ڏيڻ جي قابل ڪونهي تہ اُن سوال لاءِ اڻ جواب ڏنل نشان لڳايو؟ اڳتي وڃو.
- سوال ٻن دفعن ڪان وڌيڪ نہ دُهرايو. جيڪڏهن ٻار چوي تہ ’مون کي خبر ناهي، پوءِ مڪمن ١٠ غلط جواب ڏيو.

| جواب | سوال |
|---|---|
| ٻارو ! آسمان ۾ توهان ڇا ڇا ڏسندا آهيون؟<br>بادل ڪيئن ٺهندا آهن؟ | ١. سوالي جملو ٻڌايو: |
| برسات | ٢. بادل ڌرتيءَ تي ڇا وسائيندا آهن؟ |
| شيشي جي برني، ڪاري رنگہ جو پنو، سيلوٽيپ، گرم پاڻي، برف جو ٽُڪر ماچيس | ٣. ڪي ٻہ ٻہ گهربل سامان ٻڌايو؟ |
| بادل | ٤. اَسين ڇا ٺاهڻ جي باري ۾ سکون وينا |
| آسمان ۾ سڄ، چنڊ، تارا، اِندلٺ ۽ بادل ڏسڻ ۾ ايندا آهن | ٥. آسمان ۾ ڇا ڇا ڏسڻ ۾ ايندا آهن؟ |

ٻارن پاران ڏنل صحيح جوابن جو تعداد : ٥

## اَڀياس چارٽ

| نيڪال | مارڪون |
|---|---|
| ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ ۴ يا ۵ صحيح جواب ڏنا ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ ۲ يا ۳ سوالن جا صحيح جواب ڏنا. | ۳ |
| ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ ۲ يا ۳ سوالن جا صحيح جواب ڏنا. | ۲ |
| ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ فقط هڪ سوال جو صحيح جواب ڏنو. | ۱ |
| ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ ٻار پڇيل سوالن جو جواب ڏيڻ ۾ مُنهنجي يا اَٽڪي ٿو ۽ ڪنهن بہ سوال جو صحيح جواب ڪونہ ڏنو. | ۰ |

**عالمي حاصلات ۴-** ساهتيہ جا ڀيا دستاويز جهڙوڪ اخبار، ٻالڪن جي ڦولواري پڙهي ٿو. سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ئو اُن جي چارٽ ٿوري ۾ لکي ٿو.

### اُستادن - ماسترن - اڌياپڪن لاءِ سوچنا.

- اَڌياپڪ ٻارن کي ٽُڪر لکيل ڪارڊ شيٽ پڙهن لاءِ ڏيندا.
- ٻارن کي ٽُڪر ڏيان سان پڙهڻ لاءِ چوندا ۽ ٽڪر جي آڌار تي ٻارن کان سوال پڇيا ويندا اِها چارٽ ٻارن کي ڏيندا.
- ڪو وديارٿي اَگر ڪنهن لفظ کي پڙهڻ ۾ ۵ سيڪنڊن کان وڌيڪ وقت ٿو لڳائي تہ هُن کي اڳيان پڙهڻ جي هدايت ڏيندا.

### نشان جي لاءِ نشاني

۱) چارٽ: ڪنهن بہ غلط اُچار يا اڻ پڙهيل لفظ کي سليش (/) سان نشان لڳايو.
۲) صحيح طور پڙهيل لفظ کي ⦰ سان نشان لڳايو.

### ٽڪر پڙهو

**اَمبرنات**

مهاراشٽر ۾ اُلهاسنگر جي ويجهو اَمبرنات نالي شهر آهي. اِسٽيشن جي ويجهو اَمبريَشور جو پراچين مندر آهن. هيءُ شِو جو مندرُ شلامارا راجا ٺهرايو هو. راجڪمار مموڻيءَ مندر شرامارا راجا ٺهرايو هو. راجڪمار مموڻيءَ مندر جي مرمت ڪرائي. مندر ڏاڍو شاندارُ ٿي پيو.

مهاشوراتريءَ تي هتي وڏو ميلو لڳندو آهي. هزارين ماڻهو درشن ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. هيءُ مندرُ پريم، ايڪتا ۽ سهيوگہ جي پاونا کي جاڳائيندڙ ڪري مڃيو ويندو آهي.

شاگردن پاران صحيح پڙهيل لفظن جو تعداد :- ٽڪر کي پڙهي پورو ڪرڻ ۾ لڳايل وقت:- سيڪنڊ.

| سوال | جواب |
|---|---|
| ١. خبر کي ڏنل سرو | اَمبرناٿ |
| ٢. اَمبرناٿ نالي شهر ڪٿي آهي؟ | مهاراشٽر ۾ اُلهاسنگر جي ويجهو |
| ٣. ڪهڙي ڏڻ تي هتي ميلو لڳندو آهي؟ | مهاشوراتري تي هتي وڏو ميلو لڳندو آهي. |
| ۴. مندر جي مرمت ڪنهن ڪرائي ۽ اندر ڪيئن  تي پيو. | مندر جي مرمت راجا مموڻيءَ ڪرائي مندر ڏاڍو شاندار تي پيو. |
| ۵. هيءُ مندر ڇا جي ڀاونا جاڳائيندڙ ڪري مڃيو ويندو آهي؟ | مندر پريم، ايڪتا ۽ سهيوگا جي ڀاونا جي ڳائيندڙ ڪري مڃيو ويندو آهي. |

## اَڀياس چاٽ

| نيڪال | مارڪون |
|---|---|
| ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ سيني سوالن جا صحيح جواب ڏنا. | ٣ |
| ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ ٢ يا سوالن جا صحيح جواب ڏنا. | ٢ |
| ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ فقط هڪ سوال جو صحيح جواب ڏنو. | ١ |
| ٽڪر پڙهڻ کان پوءِ سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ اَٽڪ ٿيڻ ۽ ڪوبہ جواب صحيح سان نہ ڏيڻ. | ٠ |

**علمي حاصلات -۵**

**ساهتيہ جا ٻيا دستاويز جهڙوڪ اخبار، ٻالڪن جي ڦولواري پڙهي ٿو. سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ئو اُن جي چاڻ ٿوري ۾ لکي ٿو.**

**اڏياپڪن لاءِ سوچنا.**

- **اَڏياپڪن جي لاءِ سوچنا:**

ڊڪٽيشن ٽرانسڪرپٽ وٺڻ دوران، جملا صحيح اُچار سان، صحيح رفتار سان، صحيح لفظن سان پڙهيا وڃن، جيئن وديارٿيءَ کي سمجهه ۾ اَچي.

هڪ جملو ٽي دفعا پڙهڻ.

١) پهريون دفعو پڙهڻ وقت وديارٿين کي فقط ٻڌڻ جي هدايت ڏيڻ.

٢) ٻيون دفعو پڙهڻ وقت وديارٿين کي لکڻ جي هدايت ڏيڻ ۽ گهربل وقت ڏيڻ.

٣) ٽيون دفعو پڙهڻ وقت ٻارن کي جملو جاچڻ لاءِ چوڻ.

**ڏنل جملا**

اَسان جي ديش ۾ ڪيترائي ڏڻ ملهايا ويندا آهن. هولي، جنماشٽمي، رکشا ٻنڌن، چيٽي چنڊ ۽ ڏياري. ڏياري اَسان جو هڪ مکيه ڏڻ آهي. اَچو ته سکون، ڏياري ڇو ملهائي ويندي آهي؟

## اَڀياس چاڻ

| نيڪال | مارڪون |
|---|---|
| سيني جملا ۽ لفظ بنا غلطيءَ جي ۽ صحيح بيهڪ جون نشانيون اِستعمال ڪري لکيل | ٣ |
| سيئي جملا ۽ لفظ بنا غلطيءَ جي لکيل پر پورو دم ۽ ڪٿي ڪٿي اَڌ دم نه اِستعمال ڪيل | ٢ |
| سيئي جملا لکيل پر ۴ کان ۵ لفظ : غلط لکيل. | ١ |
| ڪجهه به صحيح سان نه لکڻ. | ٠ |

•••